# فيضانِ
# خديجة الكبرىٰ
رَضِیَ اللہُ عنہا

**22-March-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

22 مارچ، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فيضانِ خديجۃُ الڪبريٰ

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿...حضرت خديجة الڪبريٰ جي فقاهت جي شان

✿...چار افضل جنتي عورتون

✿... حضرت خديجة الڪبريٰ جا 2 اعليٰ وصف

✿...ڏسڻ بغير مڃڻ جا فضائل...!!

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پانهو محبت ۽ عشق سان 3 ڀيرا ڏينهن جو ۽ 3 ڀيرا رات جو مون تي درود پاڪ پڙهي، الله پاڪ تي حق آهي تہ ان جي اُن ڏينهن ۽ اُن رات جا گناهہ مُعَاف ڪري ڇڏي.[1]

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان ٿوري بہ توجھ ڪيون تہ ڪيتري آساني سان گناهہ بخشرائي سگهجن ٿا، مثلاً صبح فجر جي نماز باجماعت ادا ڪيون، مٿو جهڪائي اکيون بند ڪيون ۽ سبز سبز گنبذ جو تصور جمائي ڪري 3 ڀيرا درود پاڪ پڙهون، اهڙي طرح رات جو سمهڻ وقت چاهي بستر ئي تي ڪعبي جي طرف منهن ڪري، مٿو جهڪايون، اکيون بند ڪيون ۽ پياري پياري گنبذِ خضراء جو تصور جمائي ڪري 3 ڀيرا درود پاڪ پڙهون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اُن ڏينهن ۽ رات جا گناهہ مُعاف تي ويندا. خيال رهي! ڪبيره گناهہ سچي توبہ کان مُعَاف ٿيندا آهن، ايئن ئي قضا نمازون، قضا روزا، ٻانهن جا مالي، جسماني حقوق ذمي تي هجن تہ اُنهن جي ادائيگي بہ لازمي آهي.

وہ تو نہایت سستا سودا، بیچ رہے ہیں جنّت کا | ہم مفلس کیا مول چکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 معجم ڪبير، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:186۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَاالْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو ته ❁ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ❁ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شوهرِ تڪليف کان پاڪ محل جي بشارت

حديث پاڪ جي سڀني کان معتبر ۽ تمام مشهور ۽ معروف ڪتاب بخاري شريف ۾ هڪ روايت آهي، جنهن ۾ هڪ ايمان اَفروز واقعو بيان ٿيو، واقعو اُنهن ڏينهن جو آهي جڏهن اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا ۾ تشريف ڪٽي ويندا هئا.[2] هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا ۾ تشريف فرما هئا، حضرت جبريل اَمينِ عَلَيْهِ السَّلَام بـ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئا، ايتري ۾ مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زوجهءِ محترمہ حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا پري کان ايندي نظر آيون، اڳتي ڇا ٿيو؟ بخاري شريف جي

1...بخاري، ڪتاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1-

2 مرآة المناجيح، ازواجِ پاڪ ڪے فضائل، پہلی فصل،جلد:8،صفحہ:495-

حديث پاڪ پڙهو! صحابي رسول حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: حضرتِ جبريلِ اَمين علیہ السّلام رسولِ اڪرم، نُورِ مجسَّم صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جي خدمتِ اَقْدس ۾ حاضِر ٿي عَرْض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم اهي خديجه اچي رهيون آهن، انهن وٽ ٿانءُ آهي جنهن ۾ ڪاڌو آهي. جڏهن اهي اوهان وٽ پهچن ته انهن کي الله پاڪ جو به سلام ڏيو ۽ منهنجو به سلام چئو! ۽ انهن کي هي خوشخبري ٻڌايو ته جنت ۾ انهن جي لاءِ خول دار (يعني اندران خالي) موتين سان ٺهيل گهر آهي، جنهن ۾ نه ڪو شور آهي نه ڪا تڪليف...!!

حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا ويجهو پهتيون ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم کين الله پاڪ ۽ حضرت جبريل اَمين علیہ السّلام جا سلام ڏنا ته ان جو جواب ڏيندي حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا چيو: اِنَّ اللهَ هُوَ السَّلَامُ وَعَلٰى جِبْرِيْلَ السَّلَامُ وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ يعني الله پاڪ سلام آهي ۽ حضرت جبريل اَمين علیہ السّلام ۽ اوهان صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم تي سلامتي، الله پاڪ جون رحمتون ۽ برڪتون هجن.[1]

مادرِ اوّلیں اہلِ ایمان کی
ہے یہ اس کی بزرگی و پاکیزگی
برگزیدہ ہے ربِّ محمّد کی بھی
عرش سے جس پہ تسلیم نازِل ہوئی

اُس سرائے سَلامت پہ لاکھوں سلام

اُس کا جبریل ملحوظ رکھے ادب
جنّتی گوہریں گھر اُسے بخشے ربّ
کوئی تکلیف اس میں نہ شور وشغب
مَنزِلٌ مِّن قَصَبٍ لَانَصَبٌ لَا صَخَبٌ

ایسے کوشک کی زینت پہ لاکھوں سلام (2)

---

1 سنن الكبرى للنسائى، كتاب المناقب، مناقب خديجه...الخ،جلد:7،صفحہ:390،حديث:8301
2... بربانِ رحمت، صفحہ:49۔

**وضاحت:** حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا اهلِ ايمان جي پهرين پياري امڙ سائڻ آهن، انهن جي بزرگي، پاڪيزگي ۽ بلند رتبي جو اهو عالم آهي تہ سندن ربِّ مصطفيٰ، اللّٰه رب العالمين جي بارگاهہ ۾ وڏو مقام رکن ٿيون، سندن اها شان آهي جو اللّٰه پاڪ انهن جي لاءِ سلام جو تحفو موڪليو، حضرت جبريل اَمين عليہ السلام سندن آداب جو لحاظ رکندا آهن، اللّٰه پاڪ انهن کي ياقوت سان جڙيل موتين سان ٺهيل جنتي محل عطا فرمايو، اهڙو محل جنهن ۾ نہ شور آهي، نہ تڪليف آهي، اهڙي سلامتي واري بلند زوجہِ مصطفي حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا تي ۽ ان جي بلند ۽ بالا محل جي زيب و زينت تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت خديجہ رضی اللہ عنہا جي فقاهت جي شان

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ سکڻ جون ڪوڙ ڳالهيون آهن. (1) اَوَّل تہ هن واقعي جي روشني ۾ مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي عقل، سندن فهم فراست ۽ فقاهت جي شان ڏسو! حضرت جبريل اَمين عليہ السلام سندن لاءِ سلام جو تحفو کڻي آيا ۽ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم! حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي لاءِ اللّٰه پاڪ بہ سلام موڪليو آهي، اهو بہ ان تائين پهچايو! ۽ منهنجي طرفان بہ ان کي سلام ڏئي ڇڏجو!

هاڻي سلام بہ هستين جي طرفان آيو هو، اسان کي ڪو سلام موڪلي. هڪ ٻانهي جي طرفان سلام اچي، ان جو بہ جواب اهو ئي ٿيندو، هزارين ماڻهن پاران سلام اچي، ان جو بہ جواب اهڙو ئي هوندو پر حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي عقلمندي تي قربان وڃو! اسلام جو ابتدائي زمانو آهي، اجا ديني احڪام ايترا عام ناهن ٿيا، علمِ دين اجا عام ناهي ٿيو، ان دور ۾ حضرت خديجة

الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي لاءِ بہ هستين طرفان سلام جو تحفو آيو، حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا ٻنهي جو جواب ڏنو پر الفاظ ٻنهي جي لاءِ مختلف استعمال ڪيا، الله پاڪ جي طرفان سلام جو تحفو آهي، تہ ان جي جواب ۾ پاڻ چيائون: اِنَّ اللّٰهَ هُوَالسَّلَامُ

الله الله ! پاڻ رضی اللہ عنہا الله پاڪ جي طرفان سلام جو تحفو اچڻ تي هيئن نہ چيو: عَلَيْهِ السَّلَام(يعني الله پاڪ تي سلام هجي) بلڪ چيو: اِنَّ اللّٰهَ هُوَالسَّلَامُ . چو....؟ انڪري جو پاڻ پنهنجي بي مثال فهم و فراست، پنهنجي عقلمندي سان، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت جي فيضان سان هي ڳالھ ڄاڻينديون هيون تہ الله پاڪ جي سلام جو جواب هن طرح نہ ڏنو ويندو، جيئن مخلوق کي ڏنو ويندو آهي، الله پاڪ تہ اها بلند رُتبي واري ذات آهي جو تمام جهانن تي سلامتي اهو ئي نازل فرمائيندو آهي، ان جي پاڪيزه نالن مان هڪ نالو ئي اَلسَّلَام يعني سلامتي نازل فرمائڻ وارو آهي. لهذا الله پاڪ سلام جو تحفو موڪليو تہ جواب ۾ هي نہ چيو تہ الله تي بہ سلامتي هجي بلڪ چيو: اِنَّ اللّٰهَ هُوَالسَّلَامُ يعني بيشڪ الله پاڪ پاڻ السَّلَامُ **يعني سلامتي نازل فرمائڻ وارو آهي.**

سُبْحٰنَ الله! هي هن ڳالھ جي دليل آهي تہ حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا اسلام جي اُن ابتدائي دور ۾ بہ مَعرفت(يعني الله پاڪ جي پهچان) جي بلند مقام تي فائز هيون.

مادرِ اوّلیں اہلِ ایمان کی
ہے یہ اس کی بزرگی و پاکیزگی

برگزیدہ ہے ربِّ محمّد کی بھی
عرش سے جس پہ تسلیم نازل ہوئی

اُس سرائے سلامت پہ لاکھوں سلام

## (2) جيڪڏهن ڪو ڪنهن جو سلام آڻي ته...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ سکڻ جي هڪ ٻي ڳالهه ٻڌو! حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي لاءِ حضرت جبريل اَمين عليه السّلام پنهنجو سلام به ڏنو ، ان جي جواب ۾ حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا چيو: وَعَلٰى جِبْرِيْلَ السَّلَامُ وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ يعني ۽ حضرت جبريل اَمين عليه السّلام ۽ اوهان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم تي سلامتي، الله پاڪ جون رحمتون ۽ برڪتون هجن.[1] هتي به ڳالهيون سکڻ جون آهن: (1) جڏهن ڪنهن جي طرفان سلام موڪليو وڃي، يعني سلام چوڻ وارو ڪو ٻيو هجي ۽ سلام پچائڻ وارو ڪو ٻيو هجي ته جواب ۾ صرف سلام موڪلرائڻ واري کي سلام نه چيو ويندو بلڪ جيڪو سلام کڻي آيو آهي ان کي به سلام چيو ويندو. (2): ۽ ٻي ڳالهه هي معلوم ٿي ته جڏهن به سلام ڪيو وڃي يا سلام جو جواب ڏيڻو هجي ته صرف لفظ سلام تي بس نه ڪئي وڃي بلڪ گڏوگڏ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ به چيو وڃي.

اي عاشقانِ رسول! هي اسلام جي ابتدائي زماني جو واقعو آهي، ان وقت اسلامي احڪام ۽ علمِ دين گهڻو عام نه ٿيا هئا، هاڻي اسان ٿورو غور ڪيون، اڄ اسلام سڄي دنيا ۾ پکڙجي چڪو آهي، اسلامي احڪام عام ٿي چڪا آهن، علمِ دين تي هزارين نه بلڪ لکين ڪتاب لکجي چڪا آهن، هن وقت خاص ڪري اسلامي ملڪن ۾ ته ڪو اهڙو شخص نه هوندو جو علمِ دين جنهن جي پهچ ۾ نه هجي. جيڪڏهن چاهي ته هر فرد آساني سان علم دين سکي سگهي ٿو، ان جي باوجود ٿورو اسان غور ڪيون، ڇا اسان کي سلام جو صحيح جواب ڏيڻ اچي ٿو؟

طلاق، خلع يا نماز ۽ زڪوات جي ڪنهن باريڪ مسئلي جي ڳالهه نه پئي ڪئي وڃي، دين جي هڪ نهايت بنيادي ڳالهه آهي، اسان تمام ننڍا هئاسين، تڏهن کان

1 سنن الکبری للنسائی، کتاب المناقب، مناقب خدیجۃ...الخ،جلد:7،صفحہ:390،حدیث:8301۔

سلام ڪندي ۽ جواب ڏيندا پيا اچون، هڪ اسلامي معاشري ۾ تہ معمول جي ڳالھ آھي، 2 مسلمانن جي ملاقات جي وقت ڳالھايا ويندڙ پھريان جملا ئي سلام جا هوندا آهن. پر افسوس! اڄ مسلمانن جي اڪثريت آهي جن کي صحيح طريقي سان سلام ڪرڻ ۽ ان جو جواب ڏيڻ بہ نٿو اچي. ڪو سَامَلَيْكُم چوندو آهي، تہ ڪو سَلَامَلَيْكُم چوندو آهي، ڪو ڇا تہ ڪو ڇا چوندو آهي...!!

۽ جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو ڪنهن جي ذريعي سلام پڄائي تہ ان جو جواب ڪهڙن لفظن سان ڏيڻو آهي، هن باري ۾ تہ ڪيئي ماڻهن کي خبر ئي ناهي. ڪو اچي چئي تہ فلاڻي توکي سلام ڏنا آهن تہ ان جي جواب ۾ عام طور تي وَعَلَيْكُمُ السَّلَام ئي چيو ويندو آهي. حالانڪ هن طرح موڪليل سلام جو جواب هي ناهي هوندو. **بهار شريعت** ۾ آهي: (جڏهن ڪو ڪنهن جو سلام پڄائي تہ ان جو جواب هيئن ڏي جو پهريان ان پهچائڻ واري کي ان کان بعد ان کي جنهن سلام موڪليا آهن يعني هيئن چئي: وَعَلَيْكَ وَعَلَيْهِ السَّلَام.[1]

اهو بہ ياد رهي تہ سلام جي جواب ۾ هي الفاظ اُن وقت چيا ويندا جڏهن موڪلڻ وارو ۽ پهچائڻ وارو ٻئي مرد هجن جيڪڏهن عورتون هجن تہ هن طرح چونداسين:وَعَلَيْكِ وَعَلَيْهَا السَّلَام جيڪڏهن موڪلڻ وارو مرد ۽ پڄائڻ واري عورت هجي تہ هن طرح چونداسين:وَعَلَيْكِ وَعَلَيْهِ السَّلام ۽ جيڪڏهن موڪلڻ واري عورت هجي ۽ پڄائڻ وارو مرد هجي تہ هن طرح چونداسين: وَعَلَيْكَ وَعَلَيْهَا السَّلَام۔

هاڻي هي مسئلا اسان صرف هڪ بيان ٻڌي ڪري سمجهي سگهون ۽ انهن کي ياد بہ رکون، نهايت مشڪل ڳالھ آهي، هي ڳالهيون اسان کي باقاعده سکڻيون پونديون، تڏهن ئي ياد رهي سگهنديون، انڪري اسان کي هي ڳالهيون سکڻ جي لاءِ وقت ڪڍڻو پوندو، ظاهر آهي وقت ڏيڻ کان سواءِ ڪجھ بہ حاصل

1 بہارِ شريعت، حصہ:16،جلد:3،صفحہ:463۔

نٿو ٿي سگهي، ڪا شيءِ حاصل ڪرڻي هجي ته قرباني ته ڏيڻي ئي پوندي آهي. لهٰذا همت ڪيو! دين جون پياريون پياريون ڳالهيون سکڻ جي لاءِ ❁ فرض عُلوم سکڻ جي لاءِ ❁ سنتون ۽ زندگي جا آداب سکڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ❁ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪيو! ❁ اَلحَمدُلله! رمضان المبارڪ به پنهنجون برڪتون لٽائي رهيو آهي، اعتڪاف جون بهارون آهن، دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ هي سنتون سکي سگهجن ٿيون. ❁ امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر هفتي براهِ راست عشاء جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، مدني مذاڪري ۾ پابندي سان شرڪت ڪندا رهو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! علم دين جو انمول خزانو هٿ ايندو ۽ ❁ علمِ دين سکڻ جو سيني کان بهترين انداز، جامعة المدينه ۾ داخلا وٺو! هاڻي شوال کان درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) جا نوان ڪلاس شروع ٿي رهيا آهن، جامعة المدينه جا داخلا جاري آهن، جيڪڏهن اسان درسِ نظامي(يعني عالم ڪورس) ڪيون، پوءِ ته ڇا ڳالهه آهي، ان جي برڪت سان اسان کي قرآن ڪريم سمجهڻ اچي ويندو، علمِ تفسير، علم حديث، علمِ فقه، علمِ تصوّف ۽ تمام گهڻا ديني علوم ۽ علمِ دين جا وڏا وڏا عربي ڪتاب پڙهڻ اسان سکي ويندا سين. الله پاڪ اسان کي علمِ دين سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو جذبو عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ يعني اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پهرين

گهرواري آهي.

هي ڳالهہ ہر مسلمان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ ﷺ جون ڪُل 11 گهر واريون هيون، انهن پاڪيزه گهر وارين کي اُمَّهاتُ المؤمنين يعني مسلمانن جون مائرون چيو ويندو آهي. الله پاڪ قرآني ڪريم ۾ فرمايو:

اَلنَّبِیُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِیْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَ اَزْوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمْؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: هي نبي مسلمانن جو انهن جي جانين کان وڌيڪ مالڪ آهي ۽ سندس جون گهرواريون انهن جون مائرون آهن.

معلوم ٿيو، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ ﷺ اسان جي جانين جا اسان کان وڌيڪ مالڪ آهن ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جون پاڪيزه گهر واريون اسان سڀني اهلِ ايمان وارن جون مائرون آهن.

اہلِ اِسلام کی مادرانِ شفیق | بانُوانِ طہارت پہ لاکھوں سلام[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي ﷺ جي عُمر مبارڪ 25 سال هئي جڏهن پاڻ حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا کي پنهنجي زوجيت ۾ قبول فرمايو. سندن ڪنيت: اُمِّ قاسم آهي. سندن سڀني کان مشهور لقب: الڪبريٰ آهي. پاڻ رضی اللہ عنہا نهايت پاڪباز، نهايت باهمت، بلند حوصلہ، باعزت، اعليٰ نسب رکڻ واريون ۽ نهايت عقلمند خاتون هيون، سندن اعليٰ وصف ۽ ڪمالات جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي....!! جوتہ جهالت جي زماني ئي ۾ ڪيس طَاهِرَه (يعني پاڪيزه خاتون) ۽ سيدةُ قريش(يعني قريش جي سردار خاتون) جي لقب سان

---

1... حدائق بخشش،صفحہ:310۔

پڪاريو ويندو هو.حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جو هڪ پيارو لقب: صديقہ بہ آهي. حديث شريف ۾ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم فرمايو: هٰذِهٖ صِدِّيْقَةُ اُمَّتِیْ يعني هي منهنجي اُمت جي صديقہ آهي.[1]

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جي ڪُل 7 اولاد آهي، 4 شهزاديون (حضرت زينب، حضرت رقيہ، حضرت اُمّ ڪلثوم ۽ خاتون جنت حضرت فاطمة الزهرا رضی اللہ عنہن) ۽ 3 شهزادا (حضرت قاسم، حضرت عبدالله ۽ حضرت ابراهيم رضی اللہ عنہم). انهن مان حضرت ابراهيم ماريہ قِبطيہ رضی اللہ عنہا جا شهزادا آهن، باقي سيئي اولاد حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا مان ٿي يعني حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا امام حسن ۽ حسين رضی اللہ عنہما بلڪ قيامت تائين اچڻ وارن سيني سيّد زادن جون ناني آهن.

اعلانِ نبوت جي ڏهين سال، رمضان المبارڪ جي 10 تاريخ تي حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جو وصال ٿيو وفات جي وقت سندن عمر مبارڪ 65 سال هئي.[2] سندن مزار شريف مڪي پاڪ جي مشهور قبرستان جنّت المعليٰ ۾ آهي.

وہ اُمُّ المُسلِمیں جو مادرِ گیتی کی عزت ہے
خدیجہ طاہرہ یعنی نبی کی باوفا بی بی
دیارِ جاودانی کی طرف راہی ہوئیں وہ بھی

وہ اُمُّ المُسلِمیں قدموں کے نیچے جس کے جنّت ہے
شریکِ راحت و اندوہ پابندِ رضا بی بی
گئیں دنیا سے آخر سوئے فردوسِ بریں وہ بھی(3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1 تاريخِ مدينہ دمشق، تاريخ دمشق، حرف الميم،9427-مريم بنت عمران،جلد:70،صفحہ:118۔
2 امتاع الاسماع، فصل فی ذكر ازواج رسول، ام المؤمنين خديجة بنت خويلد،جلد:6صفحہ:28۔
3 ... شاہنامہ اسلام،جلد:1،صفحہ:135۔

## چار افضل جنّتي عورتون

حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہما فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم زمين تي چار لڪيرون ڪڍي ڪري فرمايو: توهان ڄاڻيو ٿا هي ڇا آهن؟ صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم عرض ڪيو: اَللّٰہُ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَمُ يعني الله پاڪ ۽ ان جو رسول بهتر ڄاڻين ٿا. فرمايائون: جنتي عورتن ۾ سڀني کان وڌيڪ فضيلت واريون هي عورتون آهن: (1) خديجہ بنت خُوَيلِد يعني حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا (2) فاطِمہ بنتِ مُحَمَّد (3) فرعون جي گهر واري آسيہ بنت مُزاحِم (4) ۽ حضرت عيسيٰ جي والده محترمہ حضرت مَرْيَم بنت عمران (رضی اللہ عنہن)[1]

## دنيا ۾ جنتي ميوي مان لطف اندوز

اُمُّ المؤمنين حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا کي دنيا ۾ رهندي جنّتي ميوي مان لطف اندوز ٿيڻ جو شرف بہ حاصل آهي جيئن تہ اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون تہ رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا کي جنّتي انگور کارايا.[2]

مالکِ کونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں | دو جہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

## نماز جي ادائيگي

اُمُّ المومنين حضرت خديجہ رضی اللہ عنہا کي اسلام جي دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ جي پهرين ئي ڏينهن نماز پڙهڻ جو شرف حاصل آهي، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم تي پهريون ڀيرو جنهن وقت وحي نازل ٿي ۽ نبوتِ ڪريمہ ظاهر ٿي انهي وقت حضور صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم نماز پڙهي ۽ انهيءَ ڏينهن اُمُّ المومنين حضرت خديجہ رضی اللہ عنہا بہ پياري آقا

1 مسند احمد، مسند بنی هاشم، مسند عبد الله بن العباس...الخ،جلد:2صفحہ:241، حديث:2720۔
2 المعجم الاوسط للطبرانی، باب الميم، من اسمه محمد،جلد:4،صفحہ:315، حديث:6098۔

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان نماز سکي ڪري پڙهڻ شروع ڪئي.[1]

حضرت ابو رافع رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سومر جي ڏينهن صبح جي وقت نماز پڙهي، حضرت خديجه رضی اللہ عنہا سومر جي ڏينهن ان جي آخري حصي ۾ نماز پڙهي.[2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي ڪهڙي نرالي شان آهي.....!! سندن کي هي شرف حاصل آهي ته پاڻ رضی اللہ عنہا دنيا ۾ اسلام ظاهر ٿيڻ جي پهرين ئي ڏينهن نماز سکي ورتي ۽ ادا به فرمائي....!! سُبْحٰنَ الله!

الله پاڪ اسان کي به نماز جي محبت نصيب فرمائي. ڪاش! اسان به نماز سکون، نماز جا احڪام، ان جا فرائض، شرائط، واجبات، سنتون ۽ ظاهري، باطني آداب سکون ۽ ڪاش! پابندي سان پنج ئي وقت جي نماز باجماعت مسجد ۾ ظاهري ۽ باطني آداب جو لحاظ رکي ڪري پڙهڻ وارا بڻجي وڃون.

ہر عبادت سے بَرتَر عبادت نَماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز

قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز
ہے مریضوں کو پیغامِ صِحّت نَماز

نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ
ربّ سے دِلوائے گی تم کو جنّت نَماز

پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ
قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نَماز

بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے
آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 فتاوىٰ رضويه،جلد:5،صفحه:83 خلاصةً۔
2 معجم الڪبير، باب من اسمه ابراهيم، عبيد الله بن ابي رافع عن ابيه،جلد:1،صفحه:251، حديث:945۔

## حضرت خديجة الڪُبريٰ رضی اللہ عنہا جا 2 اعليٰ وصف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت خديجةُ الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي پاڪيزه سيرت ۾ اسان جي لاءِ سکڻ جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون آهن. خاص ڪري سندن 2 نهايت اعليٰ وصف جيڪي سندن سيرت ۾ نمايان آهن ۽ اَج اسان کي هي ٻئي وصف اپنائڻ جي به گهڻي ضرورت آهي.

## (1): عشق رسول

انهن مان پهريون وصف آهي: حضرت خديجة الڪُبريٰ رضی اللہ عنہا جو عشقِ رسول. پاڻ رضی اللہ عنہا پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم سان بطور آخري نبي بي پناه محبّت ڪنديون هيون. سندن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم تي پنهنجو مال به قربان ڪيو، پنهنجي زندگي به پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ قدم قدم تي پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي خدمت به ڪنديون رهيون.

## اسلام جي شروعات ۾ حضرت خديجه رضی اللہ عنہا جو ڪردار

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي عمر مبارڪ 40 سال هئي، رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم تي پهرين وحي نازل ٿي.[1] اُن موقعي تي حضرت خديجة الڪُبريٰ رضی اللہ عنہا مثالي ڪردار ادا ڪيو، رسولِ نامدار، شفيع روزِ شمار صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي زوجيت ۾ اچڻ کان وٺي ڪري آخري ساهه تائين رات ڏينهن وک وک تي پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو ساٿ ڏنو. غارِ حرا ۾ پهرين وحي نازل ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم حضرت خديجه رضی اللہ عنہا وٽ هن حال ۾ تشريف ڪٺي آيا جو پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي دل مبارڪ ڏکي رهي هئي تڏهن حضرت خديجة الڪُبريٰ رضی اللہ عنہا سندن تمام

1 مواهب اُللَدُنيه،مقصد الاول، دقائق حقائق بعثته،جلد:1،صفحه:103، ملتقطًا۔

گھڻي حوصلہ اَفزائي فرمائي ۽ عرض ڪيو: اللّٰہ پاڪ جو قسم! اللّٰہ پاڪ ڪڏھن بہ اوھان کي رسوا نہ ڪندو ڇوتہ اوھان صلہءِ رحمي ڪندا، ڪمزورن جو بوجھ کڻندا، محتاجن جي لاءِ ڪمائيندا، مھمانوازي ڪندا ۽ راھِ خدا ۾ مشڪلات برداشت ڪندا آھيو.

جڏھن سرڪارِ عالي وقار، محبوبِ ربّ غفار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اللّٰہ پاڪ جي حڪم سان اعلانِ نبوت فرمايو، ماڻھن کي صرف ھڪ سچي خُدا، اللّٰہ ربُّ العالمين جي عبادت جي طرف سڏيو تہ ماڻھن سندن دعوت قبول ڪرڻ ۽ سندن پڪار تي لبيڪ چوڻ بدران مڪي وارن مٿس مصيبتن ۽ دردن جا جبل ڪيرائڻ شروع ڪيا. سندن راھ ۾ ڪنڊا وڇايا ويندا ھا، افسوس! جسم مبارڪ تي پٿر وسايا ويندا ھا.

اھڙي نازڪ، خوفناڪ ۽ مشڪل مرحلي ۾ جن ھستين حق جي دعوت تي لبيڪ چوندي سيني کان پھريان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعوتِ حق کي قبول ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، انھن ۾ نمايان نالو ❁ مجسمہ حُسْنِ اخلاق ❁ پاڪيزہ سيرت ۽ بلند ڪردار ❁ جود و سخاوت جي پيڪر ❁ صدق و وفا جي پيڪر حضرت خديجة الڪُبريٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو آھي. ❁ اھا حضرت خديجہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي ئي ذات ھئي جيڪا پروانن جيان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي نثار ٿي رھي ھئي. ❁ اھا حضرت خديجہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا ئي ھئي جن عورتن ۾ سيني کان پھريان حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آندو ھر مشڪل کان مشڪل وقت ۾ سندن ساٿ نڀايو. ❁ حضرت علامہ محمد بن اسحاق مدني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏھن بہ ڪافرن جي طرفان ناپسنديدہ ڳالھ ٻڌي ڪري غمگين ٿي ويندا ھئا تہ ان کان بعد حضرت خديجة الڪُبريٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا وٽ تشريف کڻي ايندا ھئا تہ انھن جي ذريعي اللّٰہ پاڪ، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اھا رنج

و غم جي ڪيفيت پري ڪري ڇڏيندو هو.[1]

وہ اَنیسِ غمِ مُونِسِ بے کساں | وہ سُکونِ دلِ مالکِ اِنس وجاں
وہ شریکِ حیاتِ شہِ لامکاں | سیّما پہلی ماں کہفِ امن واماں

حق گزارِ رفاقت پہ لاکھوں سلام[2]

**وضاحت:** بي ڪسن جي آقا، بنهي جهانن جي موليٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غم جي رفيق، سندن سڪون جو سبب، شريڪ حيات، اهل ايمان جي پهرين ماءُ، اهل ايمان جي بهترين پناهه گاهه ۽ مصطفيٰ جان رحمت، شمع بزم هدايت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان رهڻ جو حق ادا ڪرڻ واري شخصيت حضرت خديجة الڪُبريٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) ڏسڻ بغير ايمان آڻڻ

حضرت خديجة الڪُبريٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جو ٻيو نهايت اعليٰ وصف آهي: غيب جي ڳالهين تي ڪامل يقين رکڻ. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي ايمان جي پختگي ۽ مضبوطي جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته جڏهن پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي حضرت قاسم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو انتقال ٿيو، حضرت خديجه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪاش! الله پاڪ قاسم کي رضاعت جي مدت(يعني کير پيئڻ جي عمر) پوري ٿيڻ تائين زنده رکي ها. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ان جي رضاعت جنت ۾ پوري ٿيندي. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مان

1 السيرة النبوية لابن اسحاق، تحديد ليلة القدر ،جلد:1،صفحه:176۔
2... بهارِ عقيدت،صفحه:11۔

هن ڳالهه ڪي چاٽان ها تہ مون تي هي ڪم آسان ٿي وڃي ها. سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن تون چاهين تہ مان الله پاڪ کان دعا ڪيان ۽ تون هن جو آواز ٻڌي وٺين؟ ان تي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا عرض ڪيو: نہ، بلڪ مان الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي تصديق ڪيان ٿي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هڪ لڪيل ڳالهه تي ايتري قدر مضبوط ايمان جو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي حاجت ئي نہ سمجهي ۽ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي بغير ئي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تصديق ڪري ڇڏي. هي اُن دور جي ڳالهه آهي جڏهن رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تصديق ڪرڻ وارا تمام ٿورا هئا پر قربان وڃون اُمُّ المؤمنين حضرت خديجة الڪُبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا تي جو انهن ڏينهن ۾ بہ اهڙي ڪامل تصديق ڪئي ۽ اهڙو ڪامل ايمان ماڻيو، يقيناً پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مسلمانن جي لاءِ فخر جو سبب آهن.

## ڏسڻ بغير مڃڻ جا فضائل

اي عاشقانِ رسول! اسان ڪي بہ گهرجي تہ اسان الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان ڪي ڏسڻ بغير مڃڻ جي عادت بڻايون، جيڪو ڏسڻ جي بغير مڃيندو آهي اهو هدايت ماڻيندو آهي، ڪاميابي ان جا قدم چمندي آهي، مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڏسڻ جي بغير مڃيو تہ ڏسو ڪيتري بلند مقام تي پهتا...!!! معراج جي تصديق سندن ڪيئن نرالي انداز ۾ ڪئي، هڪ غير مسلم پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي چيو: اي ابوبڪر! توهان جا دوست محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مان رات مسجد اقصيٰ ويس ۽ صبح کان پهريان واپس مڪي شريف پهچي ويس. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: جيڪڏهن هي ڳالهه منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي آهي تہ بلڪل سچ چيو اٿن.[2]

---

1 سنن ابن ماجہ، کتاب الجنائز، باب ماجاء فی الصلاۃ...الخ، صفحہ:243، حدیث:1512

2 مستدرک،کتاب معرفۃ الصحابۃ،جلد:4،صفحہ:5،حدیث:4463۔

اي عاشقانِ رسول! اهڙو ايمان هجڻ گهرجي..!! الله پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان کي اکيون بند ڪري مڃڻ گهرجي، تڏهن هدايت ملندي آهي، تڏهن ڪاميابي نصيب ٿيندي آهي. مشهور مفسر قرآن، حڪيم الأُمَّت مُفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اعتماد هجڻ ايمان جي حقيقت آهي، شيءِ کي ڏسي ڪري يا ٻڌي ڪري ته هر شخص مڃي وٺندو آهي پر اها شيءِ جيڪا ان کان غائب هجي ۽ عقل ۾ نه اچي، ان کي صرف انهي ڪري مڃڻ ته اها رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي آهي، هي هن ڳالهه جي دليل آهي ته ان جي دل ۾ اطاعت آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: سچ پڇو ته ايمان جي جان ته هي آهي ته رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خبر تي پنهنجي حَوّاس(اک، ڪن ۽ عقل وغيره) کان وڌيڪ اعتماد هجي، جيڪڏهن اسان اکين سان ڏسي رها آهيون ته هن وقت ڏينهن آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ته هن وقت رات آهي ته اسان جي اک ڪوڙي آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچا آهن ڇوته اسان جي اک هزارين ڀيرا غلطي ڪري ويهندي آهي پر ان جو فرمان ڪڏهن به غلط ناهي هوندو.[1] ڪنهن شاعر ڇا خوب چيو آهي:

| | |
|---|---|
| اگر شاه رَوْز را گوید شَب اَست اِیں | بَبَاید گُفت اِیں کہ مَاہ و پَروِیں |

شعر جو مفهوم: جيڪڏهن بادشاهه ڏينهن جي وقت چئي ته هي رات آهي ته چوڻ گهرجي: جي ها! هي ڏسو! چنڊ تارا نظر اچي رهيا آهن.

الله پاڪ اسان کي سيده خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو فيضان نصيب فرمائي، اسان کي گهرجي ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پاڪيزه سيرت پاڻ به پڙهون ۽ پنهنجي اهل خانہ خاص ڪري گهر جي عورتن کي سندن سيرت پڙهڻ جي ترغيب ڏيون. اَلحَمْدُلله! دعوت

1 تفسير نعيمى،پاره :1،سورۂ بقره،زيرآيت :3،جلد:1صفحه:128-129ملتقطاً۔

اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي شعبي المدينة العلميہ حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي سيرت تي نهايت پياري ۽ آسان ڪتاب لکي ڪري اسان کي ڏني آهي، ان جو نالو آهي: فيضان خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا مڪتبة المدينہ تان هي ڪتاب هديو ڏئي طلب ڪيو! پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي اهل خانہ کي، عزيز رشتيدارن ۽ دوست احباب وغيره کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اُمُّ المؤمنين حضرت خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي صدقي اسان کي بہ عشقِ رسول جي بي پناه دولت ملي، دين جي خدمت ڪرڻ، دين جي لاءِ پنهنجو تن، من لٽائڻ جي توفيق نصيب ٿي ۽ ڪاش! اسان کي مضبوط ترين ايمان نصيب ٿي وڃي، ڪاش اسان ڪامل ايمان وارا سچا پڪا، باڪردار مسلمان بڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

## امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! رَمضانُ المبارڪ جو بابرڪت مهينو جاري آهي، هن مبارڪ مهيني جي 15 تاريخ تي سيده خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا جي پياري ڏوهٽي حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ جي ولادت جو بہ ڏينهن آهي. اچو انهي مناسبت سان سندن ذڪر خير بہ ٻڌي ونون ٿا. حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ 4 هجري تي 15 رمضان المبار جو مديني شريف ۾ پيدا ٿيا[1] پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم سندن نالو حسن رکيو.[2] پاڻ رضی اللہ عنہ ايتري قدر خوبصورت هئا جو حضرت عبدالله بن زبير رضی اللہ عنہ چوندا هئا: الله پاڪ جي قسم! ڪنهن عورت وٽ حضرت حسن رضی اللہ عنہ جهڙو(خوبصورت) ٻار پيدا نہ ٿيو.[3] الله پاڪ جا آخري نبي،

1 تاريخِ طبری، جلد:2، صفحہ:76
2 سوانح کربلا، 92۔
3 سُبل الْہُدیٰ، بعض فضائل آل رسول اللہ ...الخ، الباب الحادی عشر...الخ، جلد:11،صفحہ:69۔

مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن ڪان تمام گھڻي محبت ڪندا هئا، ڪين مبارڪ ڪلھن تي سوار ڪندا هئا. روايت ۾ آهي: هڪ ڀيرو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪين ڪلھي تي سوار ڪري رکيو هو ته هڪ صاحب عرض ڪيو: نِعْمَ الْمَرْكَبُ رَكِبْتَ يَا غُلَام صاحبزادا! تنهنجي سواري ته ڏاڍي پياري آهي. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سوار به ته تمام پيارو آهي.[1]

پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا ڪوڙ فضائل آهن. امام حسن ۽ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جنتي جوانن جا سردار آهن.[2] پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن متعلق فرمايو ته هي دنيا ۾ منهنجا به گُل آهن.[3] هڪ هنڌ فرمايو: اي الله! مان هن ڪان محبت ڪيان ٿو تون به هن ڪان محبت فرماءِ.[4]

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: پهريان غوثِ اعظم خود حضور امام حسن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ٿيا ۽ درميان ۾ صرف شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ آخر ۾ حضرت امام مهدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هوندا.[5]

## هٿون هٿ ضرورت پوري ڪري ڇڏي

پيارا اسلامي ڀائرو! امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيشمار خوبين وارا هئا، سند پاڪيزه سيرت مان اسان کي گھڻو سبق ملي ٿو، سندن هڪ نهايت ئي پيارو وصف سخاوت آهي، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ غريبن، بي ڪسن، مسڪينن سان تمان گھڻو پيار ڪندا هئا. انهن جي ڪم ايندا هئا، انهن جي ضرورتن کي پورو ڪندا هئا. سندن پاڪ در تان ڪو سوالي خالي هٿين نه ويندو هو، احياءُالعلوم ۾ آهي: هڪ ڀيرو حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ هڪ

1 ترمذی، ابواب المناقب...الخ، صفحہ:858، حدیث:3790۔
2 ترمذی، ابواب المناقب...الخ، باب مناقب ابی محمد الحسن...الخ، صفحہ:855، حدیث:3775۔
3 مسند بزار، جلد:9، صفحہ:111، حدیث:3657۔
4 ترمذی، ابواب المناقب...الخ، صفحہ:858، حدیث:3791۔
5 فتاویٰ رضویہ، جلد:28، صفحہ:392۔

سوالي حاضر ٿيو ۽ ان تحريري درخواست پيش ڪئي. پاڻ رضی اللہ عنہ بغير پڙهڻ جي فرمايو: توهان جي ضرورت پوري ڪئي ويندي. عرض ڪيو ويو: اي نواسهٔ رسول! اوهان ان جي درخواست پڙهي ڪري جواب ڏيو ها. ارشاد فرمايائون: جيستائين مان ان جي درخواست پڙهان ها اهو منهنجي سامهون ذِلّت جي حالت ۾ بيهي ها پوءِ جيڪڏهن الله پاڪ مون کان پڇي ها تہ تو سوالي کي ايتري دير ڇو بيهاري ذليل ڪيو؟ تہ مان ڇا جواب ڏيان ها؟[1]

وہ حسن مجتبیٰ، سیّد الاسخیا | راکِبِ دوشِ عزت پہ لاکھوں سلام[(2)]

مفهوم: حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ جيڪي سخين جا سردار آهن، جيڪي پياري آقا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي مبارڪ ڪلهن جي سواري ڪندا هئا انهن جي ذاتِ بابرڪت تي بہ لکين سلام هجن.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ جي...!! هن حڪايت مان اسان کي هي ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون: (1) جيڪڏهن ڪو اسان وٽ مدد جي لاءِ اچي تہ ممڪن حد تائين ان جي مدد ڪيو، حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو ڪنهن مسلمان جي دنيا جي هڪ تڪليف پري ڪندو الله پاڪ ان جي قيامت جي هڪ تڪليف پري ڪندو.[3] (2) اچڻ واري جي عزت نفس جو خيال رکو ۽ ان کي پنهنجي سامهون شرمسار نہ ڪيو، اسان جو تہ هي ذهن هجڻ گهرجي تہ هي سوالي منهنجو محسن آهي جو الله پاڪ ان جي ذريعي مون کي نيڪي ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي، پنهنجي محسن

1 احياء علوم الدين، ڪتاب ذم البخل...الخ،بيان فضيلة السخاء، جلد:3، صفحه:304۔
2...حدائقِ بخشش، صفحه:309۔
3 مسلم، ڪتاب الذڪر...الخ، باب فضل الاجتماع...الخ، صفحه:1039، حديث:2699۔

جي عزت ڪئي ويندي آهي نہ ئي ان کي ذليل ڪيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خُدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي[1] ❁ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خُدا ۾ نڪرڻ آهي. ❁ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ بازارن ۾ تشريف کڻي ويندا هئا. مختلف قبيلن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا. ❁ دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.
❁ گهر گهر، دڪان دڪان، وڃي ڪري نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي.
❁ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي. ❁ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. ❁ اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون. ❁ اوهان بہ عاشقانِ رسول سان ملي ڪري علاقائي دورو ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ❁ انبياء جي سُنت تي عمل جي سعادت ملندي. ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو.
❁ حديث پاڪ جي مطابق نيڪي جي راهہ ڏيکارڻ وارو، نيڪي ڪرڻ جيان آهي.[2]
❁ جيڪڏهن اسان جي نيڪي جي دعوت سان هڪ شخص بہ نيڪ نمازي بڻجي ويو تہ يقين مڃو! ٻاڙ ڪُلي ويندا.

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو

پاڪستان پنجاب جي صوبي جي هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي، هڪ

1 مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔
2 ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء الدَّال...الخ، صفحہ:628، حديث:2670۔

ڏينهن اسان وٽ ڪراچي کان هڪ مدني قافلو آيو، مدني قافلي وارن سان ملي ڪري مون کي بہ علاقائي دوري ۾ شرڪت جو شرف مليو، اسان هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي هڪ ملازم نوجوان چيو: مان غير مسلم آهيان. توهان حضرات جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اثر (Effect)ڪيو آهي، **مهرباني فرمائي ڪري مون کي اسلام ۾ داخل ڪري ڇڏيو.** پوءِ **الحمد لله! اهو ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو.**[1]

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی

صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز (Prayer Times) ايپ جو تعارف

**پيارا اسلامي ڀائرو!** دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام اوقاتِ نماز (Prayer Times) جاري ڪئي آهي ❁ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جو وقت ۽ سمتِ قبلہ معلوم ڪري سگهي ٿو ❁ هن کان علاوه پنج نمازن جي وقتن بابت ماهوار ٽائم ٽيبل ❁ اذڪار (روحاني علاج) ❁ مدني چينل ريڊيو ❁ نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (Silent) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه

---

1 شرح شجره قادريہ عطاريہ، صفحہ:175۔

سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبّت ڪئي ان مون سان مَحَبّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وعدي جي پابندي سُنت آهي

ٻه فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي. (مصنف اِبْنِ اَبی شیبہ، کتاب: الایمان، جلد:7صفحہ:223) **(2):** جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان تي الله پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. (بخاری، کتاب:جِزْیہ، صفحہ:815، حدیث:3179)

**اي عاشقانِ رسول!** وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي. ❁ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وعدي جا گهڻا پَڪا هئا ۽ ❁ وعدو ٽوڙڻ کي تمام ناپسند ڪندا هئا. ❁ اِعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اوهان ترسو مان اچهو ٿو موٽان، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وسري ويس، ٽن ڏينهن کان پوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن اهو انهيءَ هنڌ پهتو ته ڏٺائين ته رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽي ڏينهن گذرڻ جي باوُجود اتي ئي بيٺا آهن ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت و رَحمت ۽ حُسنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڏڙڪا ڪونه ڏنا، ڪاوڙ نه ڪئي، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو. (اَبُو داوٗد، کتاب: ادب، باب: وعدہ، صفحہ:781، حدیث:4996) الله پاڪ اسان کي به سُنّتِ سرڪار

---

1 تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

تي عمل ڪندي وعدا پُورا ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد